سياڻو گدڙ

عبدالرحمٰن جتوئي

ٻياڙو گدڙ

عبدالرحمان جتوئي

مهراڻ اڪيڊمي

حق ۽ واسطا محفوظ

ڇپائيندڙ : قمر ميمڻ
ٽائيٽل : خالد سيف الله ڀٽي
ڇاپو ڇهون : 1999ع
ڳاڻيٽو : هڪ هزار

قيمت =/4 رپيا

ملڻ جو هنڌ
برانچ آفيس: مهراڻ اڪيڊمي واڳٽودر شڪارپور
۽ سنڌ جا سمورا ڪتاب گهر

سياڻو گدڙ

ڪنهن ڳوٺ ۾ هڪ بازيگر هو، جيڪو ماڻهن کي باندر جو ناچ ڏيکاري پنهنجو گذران ڪندو هو. هڪ ڏينهن شام جو اهو بازيگر ڪاوڙيو گهر آيو ۽ اچي زال کي چيائين ته، "يڪدم ڪاسائيءَ کي ته گهراءِ؟ زال پڇا ڪئي ته،."ميان! خير ته آهي ڇاجي ڪري ڪاسائيءَ کي ايترو جلد گهرائجي." بازيگر وراڻيو، هيءُ ڪراڙو باندر ڪاسائيءَ کي وڪرو ڪري ڏيندس." اها ڳالهه ٻڌي زال حيرت مان چيو، "خدا خدا ڪر. هيءُ ڇا ٿو چوين؟

هيءُ باندر شروعات کان وٺي اسان پاليو آهي. هينئر پوڙهپ ۾ ڪيس ڪاسائيءَ کي وڪرو ڪري ڏيون. اها ته عجيب ڳالهه آهي! زال جي ڳالهه ٻڌي بازيگر جواب ۾ چيو ته، "وڪڻونس نه ته پيو ڇا ڪريونس. گهر ۾ ويهي ڪارايونس ڇا؟ "زال وراڻيو" گهر ۾ ويهي ڇو کارايونس؟ هو ته خود ناچ وغيره

ڪري ڪائي ٿو پر اسان کي بہ ڪمائي ڏئي ٿو. اچان اهڙي ڪارائتي ۽ فائديمند ٻاندر کي وڪرو ڪريون عجيب ڳالهہ آهي!

بازيگر چيو تہ، ”پٽن ماءُ! اصل ڳالهہ اها آهي تہ ڪراڙپ جي ڪري سندس عقل گهٽجي ويو آهي. نچڻ جو ڍنگ وسري ويو اٿس. ان ڪانسواءِ نچڻ مهل سهڪو بہ ٿئيس ٿو. مان جيڪڏهن ڪيس ڪو اشارو ڪريان ٿو تہ هو سمجهي ئي نہ ٿو. اڄ سڄو ڏينهن ڳوٺ ۾ ڦريو آهيان تہ مس چار پئسا مليا آهن. ان مان اسان جو گذارو ڪيئن ٿيندو؟“

زال چوڻ لڳي تہ ”ان هوندي بہ هيتري وقت جي پاليل جانور کي ڪاسائيءَ وٽ وڪرو ڪريون، اها ڳالهہ نهي تہ ڪانہ ٿي. ڪاسائي يڪدم ڪيس ڪهي چڙيا گهر جي جانورن جو کاڄ بنائيندو.“ بازيگر چيو، ”تڏهن ٻيو ڇا ڪجي. جانور جڏهن نڪمو ۽ بيڪار ٿيو تہ ان بدنصيب جو مرڻ ئي ڀلو آهي جيئن انب جو وڻ جڏهن انب ڏيڻ بند ڪندو آهي تہ ان کي وڍيو ئي ويندو آهي.“

هيڏانهن زال مڙس ۾ اهي ڳالهيون هلي رهيون هيون تہ هوڏانهن دريءَ ڪان باندر سڀ ڪجهہ ٻڌي رهيو هو. اها گفتگو ٻڌي ويچاري جي رت ئي سڪي ويئي. دل ۾ چوڻ لڳو." افسوس! ڇا تقدير ۾ اهوئي لکيل هيو؟ آخر ڪاسائيءَ جي هٿان مرڻو پوندو. ڪاسائي ڪاتيءَ سان منهنجو سر، ڌڙ کان ڌار ڪندو. پوءِ ڪل لاهي ٽڪرا ٽڪرا ڪندو ۽ چڙيا گهر ۾ وڃي وڪرو ڪندو!

شينهن ۽ ٻيا جانور منهنجو گوشت کائيندا. هاءِ! هاءِ !!."

اهي خيال پچائيندي باندر جي دل ڌڙڪڻ لڳي. اکين مان ڳوڙهن جا نار وهڻ لڳس. دل ۾ سوچڻ لڳو تہ هينئر ڇا ڪجي هن مصيبت مان ڪيئن جان ڇڏائجي. آخر عقل بہ باندر جو هوس. ڪيس ڪا بہ ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي، اوچتو گدڙ جي ياد گيري آيس، هو دل ۾ چوڻ لڳو تہ، "فلاڻو گدڙ منهنجو نديءَ جو دوست آهي. نندي هوندي اسان ٻئي پاڻ ۾ گڏجي راند پيون ڪنديون ڪندا هئاسون، گدڙ ڏاڍو

چالاڪ بہ آهي ڪانئس ڪا صلاح وٺان. مصيبت جي وقت دوستن کان ئي مدد ملندي آهي.

رات جي وقت باندر گهر مان چپ چاپ ۾ نڪري ڏڪندو ڏڪندو گدڙ جي گهر وٽ پهتو. دروازي وٽ بيهي سڏ ڪيائين. گدڙ آواز ٻڌي پڇا ڪئي تہ، "هن وقت اويلو ڪير آهي؟" باندر وراڻيو تہ، "تنهنجو دوست باندر آهيان." گدڙ جهٽ پٽ دروازو کوليو. باندر کي ڀاڪر پاتائين ۽ کيس اندر وٺي ويو.

اندر پهچي باندر روئڻ شروع ڪيو. گدڙ پڇيس، "خير تہ آهي، روئين ڇو ٿو؟" باندر وراڻيو، "دوست! ظلم ٿي ويو! گدڙ پڇيس، "ڪهڙو ظلم؟ ڳالهہ کولي ٻڌاءِ." باندر پنهنجا ڳوڙها اگهندي منڊ کان وٺي ويندي پڇاڙيءَ تائين سموري ڳالهہ گدڙ کي سربستي ڪري ٻڌائين." باندر جو اهو داستان ٻڌي گدڙ چيو، "بيشڪ اها وڏي آفت چئبي." اهو ٻڌي باندر پڇا ڪئي تہ، "هينئر ڀلا ان جو ڪهڙو بندوبست ڪرڻ گهرجي؟" گدڙ چيو، "ڀائو! ڪاسائيءَ وٽ تون هڪ ڏينهن بہ جيئرو ڪونہ رهندين." اها ڳالهہ ٻڌي باندر

جو منهن سڪي ويو ۽ ڏکويل چهرو ڪندي چيو، ”ادا گدڙ! ان ڳالهه پڇڻ لاءِ تہ تو وٽ آيو آهيان تہ هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي؟.“

اهو ٻڌي گدڙ چيو ”ٿورڙو ترس تہ ان مسئلي تي ڪجهہ ويچار ڪري وٺان.“ ائين چئي گدڙ اکيون بند ڪري ڪجهہ سوچڻ لڳو. ٿوري دير کان پوءِ گدڙ اکيون کوليندي چيو، ”اهو ڪو وڏو مسئلو نہ آهي. تون صرف اهو ٻڌاءِ تہ تنهنجي مالڪ کي ڪو ٻار ٻچو آهي يا نہ ؟“ باندر وراڻيو تہ، ”هائو، هڪڙو ننڍڙو پٽ اٿس. ماڻس ڪيس روزانو صبح جي وقت اتر طرف واري درياءَ جي پرسان ڪنوليءَ تي سمهاري پاڻ ڪم ۾ مشغول ٿي ويندي آهي.“

اهو ٻڌي گدڙ چيو تہ ”ادا! هينئر ڪو فڪر نہ ڪر ۽ موٽي گهر وڃ.“ باندر پڇا ڪئي تہ، ”منهنجا دوست! گهر وري ڪيئن وڃان، پهريائين ٻڌاءِ تہ ا کهڙي رٿ بيهاري اٿيئي جيستائين اها ڳالهہ نہ ٻڌائيندين، تيستائين دل جو ڌڙڪو بند نہ ٿيندو.“ گدڙ وراڻيو، خوف ڪرڻ جو ڪو ضرور نہ آهي. تون گهر

وجي بي فڪرو ٿي سمهي رهيو. سڀ سڻائي ٿيندي. باقي هڪڙي ڳالهه ٻڌي ڇڏ ته سڀاڻي صبح جو جڏهن مان تنهنجي گهر اچي ٺوڪي سڏ ڪريان تڏهن تون يڪدم منهنجي پٺيان هليو اچج. هوشيار ٿجانءِ. ان ڪان پوءِ باندر گدڙ کان موڪلائي پنهنجي گهر ڏانهن موٽي ويو.

اها ساري رات باندر کي ڊپ ۽ ڳڻتي سبب ننڊ ئي ڪونه آئي. صبح جو سوير اٿي گدڙ بازيگر جي گهر آيو ۽ چپ چاپ ۾ اندر واريءَ دريءَ وٽ پهتو. بازيگر جو ننڍڙو پٽ ان وقت دري جي ڀرسان ڪيڏي رهيو هو. گدڙ ڇوڪري کي چڪ ۾ جهلي وٺي ڀڳو. ڇوڪرو زور سان روئڻ لڳو. روئڻ جو آواز ٻڌي ماڻس ڀڄندي آئي پر ڇا ڏسي ته ڇوڪري کي ڪو جانور کڻي ڀڄندو پيو وڃي. اها ماجرا ڏسي مائي دانهون ڪندي چوڻ لڳي، ”هاءِ مون سان ناحق ٿي ويو، آهي ڪو مرد مجاهد جيڪو منهنجي ٻچي کي ڇڏائي !!

هيڏانهن گدڙ ڀڄندو به ٿي ويو ۽ باندر کي چوندو به ٿي ويو ”ڀائو! عاليشان ڪم ٿي ويو. فتح حاصل ٿي ويئي هاڻي هليو آءُ. باندر ته اڳيئي تيار ويٺو هو سو سڌ

ٻڌي جهٽ گدڙ جي پٺيان ڊوڙڻ لڳو.

مائيءَ جي روئڻ ۽ رڙين جو آواز ٻڌي بازيگر ڇرڪ کائي اٿيو ۽ زال کان پڇا ڪيائين ته، ”خير ته آهي، رڙيون ڇوٿي ڪرين؟ ٻار جي ماءُ روئندي ڪري چيو، خير وري ڪهڙو. اسان سان ته ويڌن ٿي ويو. ٻارڙي کي ڪا بلا پنهنجي ڇڪ ۾ وجهي ڪٿي ويئي.“ اها ماجرا ٻڌي بازيگر ڏاڍو پريشان ٿيو. ان وقت ئي لٺ کڻي ڳوٺ کان ٻاهران جهنگل طرف ڊوڙيو. ماءُ گهر ۾ ويهي روئڻ لڳي. ڪجهه دير کان پوءِ بازيگر سهڪندو ٻهڪندو گهر موٽي آيو. سندس زال يڪدم پڇا ڪئي ته، ننڍڙو ڪٿي آهي؟ بازيگر روئندي جواب ڏنو ته، ڪکي کي ڳولهيم، ڏاڍو ڳولهيم پر ڪٿي به پتو ڪونه پيو. هيڏي ساري گهاٽي جهنگل ۾ ڪٿي ٿو پتو پوي. هاءِ اسان سان ته ڪيس ٿي ويو!! ائين چئي هومٿي تي هٿ رکي مايوس ٿي ويهي رهيو.

هوڏانهن گدڙ گهاٽي جهنگل ۾ پهچي هڪ ٻوڙي ۾ لڪي ويٺو. ٻاندر به اچي اتي پهتو. ٿوري دير رکي گدڙ ٻاندر کي چيو، ”وٽ دوست وٽ! هاٽي هن

ڪڪي کي ڪٽي گهر وڄ.“ ڪڪي کي گود ۾ وٺي باندر آهستي آهستي گهر ڏانهن هليو. گهر ۾ روڄ ۽ راڙو لڳو پيو هو. ماءُ پيءُ ڇوڪري جو آسرو لاهي ويٺا هئا. ايتري ۾ ڪڪي کي گود ۾ کڻي راند ڪرائيندو باندر اچي پهتو. پنهنجي لخت جگر (ٻار) کي صحيح سلامت ڏسي ماءُ پيءُ جي خوشيءَ جي حد ئي نہ رهي. ڪڪي جي ماءُ اڳتي وڌي ڪڪي کي باندر کان وٺي پنهنجي سيني سان لاتو. اهڙو ئي پيار باندر کي بہ ڪيو. باندر جي ڪري ئي کيس پنهنجو ٻچڙو موٽي مليو هو.

ان کان پوءِ پنهنجي مڙس کي مخاطب ٿيندي چيائين، ”ڇا تون اهڙي ڪارائتي ۽ وفادار باندر کي ڪاسائيءَ وٽ وڪرو ڪندين؟“

اهو ٻڌي بازيگر وراڻيو. ”مون غلط سوچيو هو. اها منهنجي ڀل هئي. اهڙي سچار ۽ وفادار باندر کي ڪڏهن بہ ڪاسائيءَ وٽ وڪرو نہ ڪنداسون. هينئر جيترو وقت جيئرو آهي آرام واري زندگي بسر ڪري.“

هينئر تہ باندر ڏاڍي مزي ۾ پيو کير مليدا کائي ۽ پنهنجي دوست گدڙ کي دعائون ڪري.

عقلمند چوڪيدار

هڪ سال مصر ۾ سخت ڏڪار پيو. ڪيترائي ماڻهو بک سبب موت جو شڪار ٿي ويا. مصر جي بادشاهه ڏڪر کي منهن ڏيڻ لاءِ ڏاڍي ڪوشش ڪئي ۽ تمام گهڻو خزانو خرچ ڪيو، پر تڏهن به سڄي ملڪ جي پورائي نه ٿي سگهي. هڪ رات انهيءَ ڳڻتيءَ سبب ڪيس ننڊ نه آئي ۽ بستري تان لهي محلات جي اڱڻ ۾ آيو ته پريان چوڪيدار نظر آيس هن کي سڏ ڪري چيائين ته ”اي چوڪيدار! اڄ ڪا آڪاڻي ٻڌاءِ ته دل وندرجي.“ چوڪيدار بادشاهي ادب پورا ڪري، هيئين ڳالهه شروع ڪئي.

بادشاهه سلامت! ڳالهه ٿا ڪن ته هڪڙي جهنگل ۾ هڪ شينهن رهندو هو، جيڪو اتان جو بادشاهه ليکيو ويندو هو. سڄي جهنگل جا شينهن سندس اڳيان پيا نمندا هئا. هڪ دفعي هڪڙو گدڙ وٽس آيو ۽

ڪيس چيائين تہ، ”تون جهنگل جو عادل بادشاھہ آهين ۽ پنهنجي رعيت جو نگهبان پڻ. مان تو وٽ هڪڙو عرض ڪٽي آيو آهيان. جيڪڏهن اجازت هجي تہ عرض ڪريان!“ اهو ٻڌي شينهن چيس تہ توکي اجازت آهي، پل عرض ڪر. گدڙ چيو تہ مون کي ٻاهر سفر تي وڃڻو آهي. مون کي فقط هڪڙو ٻچو آهي. مان چاهيان ٿو تہ اهو توهان جي پناھہ ۾ ڇڏيان، جيئن منهنجي اچڻ تائين توهان ان جي حفاظت ڪريو. شينهن چيس تہ تون ڪو فڪر نہ ڪر. پل پنهنجو ٻچڙو مون وٽ ڇڏي وڃ، مان ان جي سنڀال ڪندس. گدڙ ڏر ڏانهن ڀڄندو ويو ۽ پنهنجي ٻچي کي وٺي آيو. ان کي شينهن جي حوالي ڪري پاڻ سفر تي روانو ٿي ويو. شينهن ان ٻچي کي پنهنجي پٺي تي ويهاري ڇڏيو. انهيءَ خيال کان تہ ڪو ٻگهڙ وغيره ان کي ڪو نقصان نہ رسائي سگهي.

هڪ ڏينهن اتفاق سان هڪ بڪايل سرڻ جي نگاهہ ان تي پئجي ويئي. سو لامارو ڏيئي گدڙ جي ٻچي کي پنهنجن چنبن ۾ ڪٽي نظر کان غائب ٿي ويو. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ گدڙ سفر تان موٽيو تہ پنهنجي ٻچڙي جي ڪچي وڃڻ جي خبر ٻڌائين. سڌو شينهن وٽ آيو ۽ پهچڻ سان ڪيس ميار ڏيندي چيائين تہ، ”تون هيڏو سارو بادشاهہ، منهنجي ٻچڙي جي حفاظت نہ ڪري سگهئين؟“ شينهن وراڻيو تہ مان زمين جي جانورن کان حفاظت جو ذمو کنيو هو، پر هيءَ آسماني آفت اچي ڪڙڪي، انهيءَ کي مان ڇا ٿي ڪري سگهيس. ان کي روڪڻ منهنجي وس کان ٻاهر هو! گدڙ اهو جواب ٻڌي ڏڪويل چهرو ڪري واپس هليو ويو.

بادشاهہ جڏهن چوڪيدار جي اها ڳالهہ ٻڌي تڏهن سندس فڪر گهٽيو ۽ دل ۾ چيائين تہ ٻيلي! اسان تي بہ هيءَ آسماني آفت اچي

ڪڙڪي آهي. هاٿي انهيءَ ڪي تارڻ لاءِ رب پاڪ کي سوال ڪريون، جنهن اها موڪلي آهي. بس يڪدم موتي محلات ۾ آيو ۽ اچي پنهنجي مولا پاڪ کي ٻاڏائين ۽ عرض ڪيائين ته، ”اي منهنجا رب پاڪ! تون ئي ڏيندڙ آهين ۽ تون ئي لاهيندڙ آهين. اسان ٻانهن تي پنهنجي ٻاجهه ڪر ۽ اسان تان هي مصيبت دور ڪر!!

الله سائين بادشاهه جو عرض قبول ڪيو ۽ تمام گهڻو مينهن وسيو. جهنگل ۾ منگل ٿي ويا ۽ فصل ٻه ڏاڍا عمدا ٿيا. ٿورڙي ئي عرصي اندر اَنَ جا انبار ٿي ويا. ڏڪر ڪافور ٿي ويو ۽ سڄو ملڪ خوشحال ٿي پيو.

جهندي جي عزت

حضرت مصعب رضہ بن عمير، اسلام قبول ڪرڻ کان اڳ ۾ مائٽن ڪي ڏاڍو پيارو هوندو هيو. حضرت مصعب رضہ جو والد هن کي قيمتي وڳا وٺي ڏيندو هيو ۽ سندس هر انگل پورو ڪندو هيو. هن پلاري اسلام جي ابتدائي دور ۾ مائٽن کان لڪي اسلام قبول ڪيو. پر اها ڳالهہ لڪي نہ سگهي ۽ ٿورڙن ڏينهن کان پوءِ مائٽن کي سندس اسلام ۾ داخل ٿيڻ جي خبر پئجي ويئي. سندس مائٽن کيس اسلام تان ڦيرائڻ لاءِ وڏا وس ڪيا ۽ ڪيترن ڏينهن تائين کيس قيد ڪري ڇڏيائون. حضرت عمير رضہ هڪ ڏينهن وجهہ وٺي مائٽن جي قيد مان ڀڄي نڪتو ۽ حبش مان هجرت ڪري ويندڙ مسلمانن سان گڏجي حبش ڏانهن رواڻو ٿي ويو.

اسلام قبول ڪرڻ کانپوءِ حضرت مصعب رضہ جي اهڙي تہ تنگ حالت ٿي ويئي جو هڪ ڏينهن جڏهن

حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي اڳيان گذريو تڏهن سندس جسم فقط هڪ ڇتين لڳل چادر سان ڍڪيل هيو. حضور سائين جن کي حضرت مصعب رضہ جي اها حالت ڏسندي، سندس آسودگيءَ وارو زمانو ياد اچي ويو، انڪري ڪين تمام گهڻو ارمان ٿيو.

جڏهن احد جي جنگ لڳي تہ اسلامي لشڪر جو جهنڊو حضرت مصعب رضہ جي هٿ ۾ هيو ۽ هو ڏاڍي بهادريءَ سان دشمن جو مقابلو ڪري رهيو هيو. جنگ هلندي مسلمانن جي هڪ غلطي سبب جڏهن فتح شڪست ۾ بدلجي ويئي ۽ مسلمان پريشاني واري حالت ۾ ڇڙوڇڙ ٿيڻ لڳا تڏهن بہ حضرت مصعب رضہ بلڪل پريشان نہ ٿيو بلڪ ثابت قدم ٿي ڄميو بيٺو رهيو، جنگ ۾ ڏاڍي تيزي هئي ۽ لاشن مٿان لاش ڪرندا ڏڪ ٿيندا ٿي ويا. ڪجهہ ماڻهن ڪانسواءِ گهڻا مسلمان پريشان ٿي هيڏانهن هوڏانهن ڀڄڻ لڳا. ان حالت ۾ هڪ ڪافر تلوار جي هڪ ڌڪ سان حضرت مصعب رضہ جو هڪ هٿ ڪپي وڌو تہ جيئن اسلامي جهنڊو ڪري پوي ۽ مسلمانن کي شڪست اچي.

حضرت مصعب رضه هٿ ڪپجڻ تي ڦڙتيءَ سان جهنڊو ڪٽي ٻئي هٿ ۾ جهليو، پر ان ڪافر سندس ٻيو هٿ به ڪپي وڌو. حضرت مصعب رضه کي به اسلامي جهنڊي جي عزت جو پورو پورو خيال هيو ۽ هن ان کي ڪنهن به حالت ۾ ڪيرائڻ نه ٿي چاهيو، تنهنڪري اهو جهنڊو يڪدم ٻنهي ٻانهن سان جهلي پنهنجي سيني سان چنبڙائي ڇڏيو ته جيئن اهو ڪري نه پوي. ان دوران هڪ ٻئي ڪافر ڇڪي اهڙو ته تير هنيو جو حضرت مصعب رضه شهيد ٿي ويو ۽ جهنڊو ڪري پيو. جڏهن اسلام جو جهنڊو هيٺ ڪريو ته پريان بيٺل هڪ ٻئي مسلمان ڊوڙي اچي اهو جهنڊو کڻي بلند ڪيو.

ٻارو! توهان ڏٺو ته حضرت مصعب رضه جيستائين جيئرو رهيو تيستائين اسلامي جهنڊي کي هيٺ پٽ تي ڪرڻ نه ڏنائين بلڪ سيني سان سانديون آيو. توهان کي به حضرت مصعب رضه وانگر اسلامي جهنڊي جي عزت ڪرڻ ۽ ان کي بلند رکڻ جو اونو ڪرڻ گهرجي.

اختر جو جيل وڃڻ

اختر پناڻ ڪالونيءَ جو وينل هو ۽ هڪ هاءِ اسڪول ۾ ذهين جماعت ۾ پڙهندو هو. سندس والد هڪ ڪاليج ۾ ليڪچرار هيو. اختر جي ڪلاس ۾ انور نالي هڪ ڇوڪرو پڻ پڙهندو هيو. جنهن سان هن جي دوستي ٿي ويئي. انور پهرين نمبر جو رولو ۽ لوفر ڇوڪرو هيو. انور جي دوستي ۾ رهندي، اختر ۾ به آهستي آهستي بريون عادتون اينديون ويون. انور جي صحبت سبب اختر کي فلم ڏسڻ جي عادت پئجي ويئي. اختر کي گهران جيڪا به خرچي ملندي هئي، ان مان پيئي ڇٽان گڏجي سئنيما تي وڃي فلم ڏسندا هئا. ڪجهه ڏينهن گذرڻ بعد اختر ۾ آهستي آهستي اسڪول مان گسائڻ جي بري عادت پئي ۽ انڪان پوءِ هن سگريٽ ڇڪڻ به شروع ڪيا.

اختر جي والد مشتاق صاحب کي سندس انهن حرڪتن جو پتو پئجي ويو. پروفيسر صاحب پنهنجي پٽ اختر کي ڏاڍو سمجهايو پر هن تي انهن نصيحتن

جو ڪوبہ اثر نہ پيو ۽ اختر ساڳي طرح اهي بڇڙيون حرڪتون ڪندو رهيو. انهن ئي ڏينهن ۾ اختر مار ڌاڙ ۽ ويڙهہ واري فلم ڏٺي، جنهن ۾ ڏيکاريل هيو تہ هڪ لوفر ڇوڪرو ماڻهن جا کيسا ڪتري هزارين روپيہ ڪمائي ورتا. هو پنهنجي فن ۾ اهڙو تہ ماهر هو جو اک ڇنڀ ۾ ماڻهوءَ جو کيسو ڪتري ويندو هو ۽ ان کي ڪابہ خبر نہ پوندي هئي.

اختر جي مٿي ڄاڻايل حرڪتن سبب سندس والد مشتاق صاحب کيس پئسا ڏيڻ بند ڪيا. ان فلم ڏسڻ کان پوءِ اختر جي دل ۾ خيال پيدا ٿيو تہ ڇونہ مان بہ ماڻهن جا کيسا ڪتري پئسا ڪمايان. شروعات ۾ اهو ڪم ڪندي اختر کي ڏاڍو ڊپ ٿيندو هو، مگر بہ ٽي دفعا جڏهن کيسن ڪپڻ ۾ کيس ڪاميابي حاصل ٿي، تہ منجهس اها عادت پڪي ٿي ويئي. ان طريقي سان اختر روزانو بہ ٽي سو روپيہ حاصل ڪري وٺندو هو. شام جو اختر ۽ انور اها رقم نشي پتي ۽ عيش عشرت ۾ کپائي ڇڏيندا هئا.

اختر کي اهو ڪڌو ڪم ڪندي پنج ڇهہ مهينا گذري ويا ۽ هن پنهنجي دل ۾ سمجهيو تہ هينئر مان

ان فن ۾ وڏو ماهر ٿي ويو آهيان. مگر ”اوٺتيهه راتيون چور جون ۽ ٽيهين رات پاڳئي جي“ چوڻي مطابق هڪ ڏينهن اختر ڪيسي ڪپيندي پڪڙجي پيو. اتي بيٺل ماڻهن اختر کي پڪڙي ڪافي موچڙا هنيا ۽ ان بعد ڪيس ٿاڻي تي نيئي پوليس جي حوالي ڪيائون. پروفيسر صاحب کي جڏهن پنهنجي پٽ جي گرفتاريءَ جو پتو پيو تہ هن اختر کي ڇڏائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر وريو ڪجهہ بہ نہ. اختر تي ڪورٽ ۾ ڪيس هليو ڪيس ٽي سال جيل جي سزا ملي.

اختر جڏهن جيل ۾ پهتو ۽ اتان جو بوساتيل ماحول ڏٺائين تہ سندس هوش نڪاڻي لڳو ۽ پنهنجي غلطي محسوس ڪيائين ۽ خراب سنگت مان پرايل خرابيون هڪ هڪ ٿي ڪري سندس سامهون ايندڙيون ويون. جيل ۾ ئي خدا جي حضور ۾ آزي نيزاري ڪري پنهنجن اڳلن گناهن جي معافي گهريائين ۽ آئنده لاءِ نيڪ ۽ شريف ٿي رهڻ جو واعدو ڪيائين.

جيل ۾ رهڻ دوران هڪ جيليءَ وٽ قرآن شريف پڙهي پورو ڪيائين ۽ نماز بہ قيدخاني جي مسجد ۾ وڃي پابنديءَ سان پڙهڻ لڳو. ٽن سالن ڪان پوءِ

جڏهن جيل مان آزاد ٿيو ته سندس زندگي بلڪل بدلجي چڪي هئي. هينئر هو اڳلو جيب ڪتريندڙ اختر نه هيو بلڪه هڪ شريف ۽ نيڪوڪار ڇوڪرو بڻجي چڪو هيو.

اختر کي هاڻي هر برائي کان نفرت ۽ هر چڱائي سان محبت هئي. اختر پنهنجن استادن ۽ والدين جو فرمانبردار بڻجي ويو ۽ محنت سان تعليم حاصل ڪرڻ لڳو. آخرڪار پڙهندي پڙهندي وڃي ڊپٽي ڪمشنر ٿيو ۽ معاشري ۾ هڪ بلند مقام حاصل ڪيائين.

عقلمند پوڙهو

ڳالهہ ٿا ڪن تہ هڪ پوڙهي شخص پنهنجي حياتيءَ جي پوين ڏينهن ۾ پنهنجن ٽنهي پٽن کي سڏي، سموري ملڪيت هڪ جيترن حصن ۾ ورهائي سندن حوالي ڪئي. باقي هڪ نهايت قيمتي هيرو ٽنهي پٽن کي ڏيکاريندي چيائين تہ، ”هي قيمتي هيرو انهيءَ پٽ کي ڏيندس جيڪو سڀ کان سٺو ڪوئي نيڪيءَ جو ڪم ڪري ڏيکاريندو.“ اهو ٻڌي ٽيئي پٽ واپس هليا ويا ۽ هرهڪ سڀ کان وڏيڪ سٺي نيڪيءَ جي ڪم ڪرڻ جي فڪر ۾ جنبي ويو.

ٽورن ڏينهن گذرڻ کان پوءِ هڪ پٽ پيءُ کي اچي چيو تہ، ”مان هڪ نيڪيءَ جو ڪم ڪيو آهي، تنهنڪري اهو قيمتي هيرو مون کي عنايت ڪيو.“ پڻس پڇيو تہ، ”ٻڌاءِ ڪهڙو ڪم ڪيو اٿيئي؟“ هن چيو تہ ”هڪ ماڻهو ڏهہ هزار روپيہ مون وٽ امانت طور رکيا. انهن پئسن بابت نہ ڪائي رسيد هئي نہ وري ڪي شاهد وغيره، صرف انکي ۽ مون کي خبر هئي. ڪجهہ

وقت گذرڻ کان پوءِ جڏهن اهو ماڻهو آيو ۽ پنهنجي امانت گهريائين تہ مان هڪدم بنان ڪنهن دير جي اها امانت سندس حوالي ڪئي. حالانڪ جيڪڏهن مان انڪار ڪيان ها تہ هو مون کي ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهي ها.

انهيءَ کان وڏيڪ پيو کو نيڪيءَ جو ڪم تي سگهي ٿو؟ پوڙهي کلي چيو تہ، "نيڪيءَ جو اهو تہ معمولي ڪم آهي، جنهن کي ڪا ايتري اهميت نہ ٿي ڏيئي سگهجي. پئسن موٽائي ڏيڻ سان وڏ ۾ وڏ اهو ٿيو تہ تون هڪ گناهہ کان بچي ويئين. جيڪڏهن منهنجي حياتيءَ ۾ بين پٽن انهيءَ کان وڏيڪ کو نيڪيءَ جو ڪم نہ ڪيو تہ پوءِ مرڻ وقت اهو قيمتي هيرو توکي ڏيندس."

ڪجهہ عرصي بعد پيو پٽ پنهنجي پيءُ وٽ آيو ۽ اچي چيائين تہ، "اهو قيمتي هيرو مون کي ڏيو." پوڙهي پڇا ڪئي تہ ڪهڙيءَ نيڪيءَ جي عيوض؟" ڇوڪري وراڻيو تہ، "هڪ ڏينهن جو ذڪر آهي تہ درياءُ نهايت موج ۾ هو. اتفاق سان هڪ ننڍو ڇوڪرو پل تان ڪري پيو ۽ پاڻيءَ ۾ ٻڏڻ لڳو. ان وقت ڇوڪري جا

پيءُ ماءُ ۽ ٻيا ڪيترائي ماڻهو موجود هئا. پر ڪنهن ڪي ٻہ ايتري همٿ نہ ٿي، جو درياءَ جي مست موجن ۾ لهي سگهي. مان پنهنجي جان کي ظاهر ظهور خطري ۾ وجهي درياءَ ۾ ڪاهي پيم ۽ الله پاڪ جي فضل سان ڇوڪري کي صحيح سلامت ٻاهر ڪڍي آيس. انهيءَ کان وڏيڪ نيڪيءَ يا قربانيءَ جو ٻيو ڪو عمدو مثال ٿي سگهي ٿو؟ اهو ٻڌي پوڙهي چيو، "همدرديءَ انسانيت جو اهو تہ عام رواجي ڪم آهي. جيڪڏهن ٽئين پٽ انهيءَ کان بهتر ڪوئي ڪارنامو نہ ڏيکاريو تہ پوءِ اهو هيرو تنهنجي حوالي ڪندس."

ڪجهہ ڏينهن گذريا تہ ٽيون پٽ بہ پوڙهي جي خدمت ۾ اچي حاضر ٿيو. مگر ٻين پٽن وانگر ڪجهہ بہ اچي نہ گهريائين. سندس پيءُ کانئس پڇا ڪئي تہ، "ابا! ايترن ڏينهن ۾ ڪو نيڪيءَ جو ڪم ڪيو اٿيئي تہ بيان ڪر."

ڇوڪري وراڻيو تہ "بابا! اهڙو ڪو وڏو ڪم تہ ڪونہ ڪيو اٿم، جنهنڪري قيمتي هيري جو حقدار بڻجان. البت انهن ڏينهن ۾ هڪڙو ڪم ضرور ڪيو اٿم جيڪو هن طرح آهي:

”هڪ ڏينهن جبل جي سير ڪرڻ لاءِ انجي چوٽيءَ تي چڙهي ويس. ڇا ڏسان تہ منهنجو هڪڙو جاني دشمن شراب جي نشي ۾ مست جبل جي چوٽيءَ وٽ اهڙي نموني بيهوش پيو آهي جو جيڪڏهن ٿوري بہ چرپر ڪندو تہ ايتري بلنديءَ تان ڪري ضرور ختم ٿي ويندو. جيتوڻيڪ منهنجو پڪو دشمن هو، تنهن هوندي بہ مان انکي بي هوشيءَ جي حالت ۾ اتان کنيو ۽ پنهنجي منهن کي ڪپڙي سان اهڙي نموني ڍڪيم، جو جيڪڏهن هو جاڳي بہ ڪٽي، تہ منهنجي صورت ڏسي شرمسار نہ ٿئي. رات جي اونداهيءَ ۾ انهيءَ کي پنهنجي پٺيءَ تي کڻي سندس گهر ۾ پهچائي آيس.“

پوڙهو پٽ جي اها ڳالهہ ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ يڪدم اهو قيمتي هيرو سندس حوالي ڪندي چيائين.

”سچ پچ تنهنجي نيڪي ساراهڻ جوڳي آهي ۽ حقيقي نيڪي اهائي آهي. هن قيمتي هيري جو تو کان وڌيڪ ٻيو ڪو حقدار نہ ٿو ٿي سگهي.“

پيارا ٻارو! هن آکاڻيءَ مان اهو نتيجو نڪري ٿو تہ حقيقي نيڪي اهائي آهي جيڪا دشمن ۽ ٻجڙن ماڻهن سان ڪئي وڃي.

مهمان جي عزت

ڳالهہ ٿا ڪن تہ هڪڙو ماڻهو حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ اچي عرض ڪيائين، "يا رسول الله ﷺ! مان بکايل آهيان، مون کي ماني کارايو." ان وقت حضور سائينءَ جي ڪچهري ۾ ڪيترائي اصحابي سڳورا ويٺا هئا. پاڻ سونهارن ڪين مخاطب ٿيندي فرمايو، "هن مهمان کي توهان مان ڪير ٿو اڄوڪي رات پاڻ وٽ مهمان طور رهائي."

حضور سائينءَ جو ارشاد ٻڌي حضرت ابوطلحہ رضہ انصاري اٿي بيهي عرض ڪيو، "اي الله جا رسول ﷺ! اڄوڪي رات اهو مهمان مان پاڻ وٽ رهايان ٿو." ائين چئي حضرت ابوطلحہ رضہ ان ماڻهو کي پاڻ سان گهر وٺي ويو ۽ پنهنجي گهر واريءَ کي آهستي چيائين تہ، "ڏيان سان ٻڌ! هيءُ مٺي مرسل ﷺ جو مهمان آهي، ان جي خدمت چاڪريءَ ۾ ڪابہ ڪوتاهي نہ ڪجانءِ!"

اها ڳالهہ ٻڌي بي بي سڳوري وراڻيو، "

ٻارڙن لاءِ ٿورو کاڌو رکيل آهي. انکانسواءِ ٻي ڪا بہ کائڻ جي شيءِ موجود نہ آهي."

حضرت ابوطلحہ رضہ ٿورڙو ويچار ڪندي فرمايو، "ڳالهہ جيئن بہ هجي، مهمان جي خدمت ڪرڻ اسان جو فرض آهي. ڇاڪاڻ تہ هيءُ اسان جو نہ بلڪ رسول ڪريم ﷺ جو مهمان آهي. تون هيئن ڪر جو ٻارڙن کي گهيٽاري سمهاري ڇڏ. جڏهن انهن کي ننڊ اچي وڃي تہ پوءِ کاڌو کڻي مهمان سان گڏ ويهنداسون. جڏهن مهمان ماني کائڻ شروع ڪري تہ تون وٽ ناهڻ جي بهاني سان ڏيئو وسائي ڇڏجانءِ. اسان هاسڪاريَ وات چپڪائيندا رهنداسون جيئن مهمان سمجهي تہ اهي بہ مون سان گڏ ماني کائي رهيا آهن. جڏهن مهمان کاڌو کائي پورو ڪري تہ پوءِ ڏيئو ٻارجانءِ."

نيڪ بخت عورت ائين ئي ڪيو. پهريائين ٻارڙن کي گهيٽاري سمهاري ڇڏيائين. بعد ۾ مهمان ۽ حضرتِ ابوطلحہ رضہ جي اڳيان کاڌو آڻي رکيائين. ان کان پوءِ ڏيئي جي وٽ ناهڻ لاءِ اٿي ۽ ڏيئو وسائي ڇڏيائين. ٻيئي زال مڙس سڪتو وات چوريندا رهيا ۽ سموري ماني

مهمان کي کارائي ڇڏيائون.

صبح ٿيو تہ حضرت ابوطلحہ رضہ رسول ڪريم ﷺ جي ڪچهريءَ ۾ حاضر ٿيو. حضور سائينءَ جي جڏهن حضرت ابوطلحہ رضہ تي نظر پيئي تہ پاڻ سونهارا ڏاڍا خوش ٿيا ۽ سندس تعريف ڪندي فرمايائون، ”توهان مهمان جي عزت خاطر جيڪا تڪليف سٺي آهي ان تي خدا توهان کان ڏاڍو راضي ٿيو آهي.“

الله جو شينهن

ٻارو! ڳالهه ٿا ڪن ته جڏهن مسلمان مڪي ڪان هجرت ڪري مديني شريف آيا ته الله پاڪ جي مهرباني سان اسلام کي ڏاڍي ترقي حاصل ٿي. مديني شهر ۽ ان جي آس پاس رهندڙ ڪيئي قبيلا مسلمان ٿي پيا. اهڙي نموني مسلمانن جو تعداد وڌي ويو ۽ مديني ۾ هڪ اسلامي رياست جو بنياد پئجي ويو.

ٻئي طرف مڪي جي ڪافرن کي جڏهن اهو معلوم ٿيو ته مديني ۾ مسلمان پنهنجي حڪومت قائم ڪري ڏاڍي آرام واري زندگي گذاري رهيا آهن ته ڪين ڏاڍا خار لڳا. انهن ڪيترا دفعا فوج وٺي مديني تي چڙهائي ڪئي پر هر دفعي شڪست جو منهن ڏسڻو پين.

هر ڀيري شڪست کائڻ ڪان پوءِ ڪين ڏاڍو جوش آيو ۽ عربستان جي ٻين قبيلن کي پاڻ سان شامل ڪيائون ۽ اهڙي نموني هڪ تمام وڏو لشڪر گڏ ڪري مديني تي حملو ڪيائون.

حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن کي جڏهن

ان ڳالهہ جو پتو پيو تہ پاڻ سڳورن اصحابن ڪرام سان صلاح ڪيائون تہ هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ حضرت سلمان فارسي جيڪو اصل ايران جو ويٺل هيو، ان مشورو ڏنو تہ مديني جي جنهن طرف کان کليل ميدان آهي، ان طرف کان هڪ اونهي کاهي (کڏ) کوٽي وڃي. ﷺ مرسل ﷺ اها صلاح قبول فرمائي ۽ شهر جي ان پاسي کان اونهي ۽ موڪري کڏ کوٽي ويئي.

ڪافرن جو لشڪر ان کڏ کان ٽپي نہ پئي سگهيو ان ڪري اهو کاهيءَ جي ٻئي پاسي تنبو کوڙي ويهي رهيو. ڪافرن جي فوج ۾ هڪ مشهور پهلوان هيو، جنهن جو نالو هيو عمرو بن عبدود. اهو عمرو بن عبدود ايترو تہ طاقتور هيو جو پيو ڪوبہ پهلوان ساڻس مقابلي ڪرڻ جو ست نہ ساريندو هيو. اهو پهلوان هڪ ڏينهن وجهہ وٺي گهوڙي کي ٽپ ڏياري کاهيءَ جي ٻئي پاسي اچي پهتو ۽ مسلمانن ڏانهن منهن ڪري چوڻ لڳو تہ، ”آهي ڪو پهلوان جيڪو مون سان اچي مقابلو ڪري.“ حضرت علي رضہ جڏهن ڪافر جي اها للڪار ٻڌي تہ حضور سائين جن کي عرض ڪيائين تہ، يا رسول الله! مون کي موڪل ڏيو تہ ان ڪافر سان

مقابلو ڪريان." رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جن فرمايو، "اي علي! توکي خبر ناهي تہ اهو عمرو بن عبدود پهلوان آهي!" حضرت علي رضہ جواب ڏنو تہ "اي الله جا رسول ﷺ! مون کي بلڪل ڄاڻ آهي تہ اهو عمرو بن عبدود پهلوان آهي. مان خدا جي دين کي سر بلند ڪرڻ لاءِ ان ڪافر سان مقابلو ڪندس." مٿي مرسل ﷺ ان کي پهلوان سان مقابلي ڪرڻ جي اجازت ڏني. حضرت علي رضہ الله اڪبر جو نعرو هڻي اڳتي وڌيو. ان پهلوان جڏهن حضرت علي رضہ کي ڏٺو تہ پنهنجي دل ۾ چيائين "هي تہ معمولي ماڻهو آهي اهو مون سان ڪيئن مقابلو ڪري سگهندو! اهو نوجوان تہ منهنجي هڪڙي حملي جي بہ سٽ سهي نہ سگهندو. منهنجي مقابلي لاءِ تہ ٻيو ڪو وڏو پهلوان هجي ها." اهو ڪافر ڏاڍي تڪبر ۽ وڏائي سان اڳتي وڌيو. جڏهن ٻنهي جي وچ ۾ لڙائي شروع ٿي تہ حضرت علي رضہ تلوار جي هڪ ئي وار سان سندس سسي ڌڙ کان ڌار ڪري ڇڏي. چند منٽن ۾ اهو مشهور پهلوان ڍيري ٿي زمين تي ڪري پيو. ڪاهيءَ جي ٻئي طرف کان ڪافر اها لڙائي غور سان ڏسي رهيا هئا. جڏهن انهن پنهنجي

بهادر ۽ طاقتور پهلوان کي قتل ٿيندي ڏٺو تہ سندن همت ٽٽي پيئي ۽ حوصلا خطا ٿي وين. ان کان پوءِ کنهن بہ ڪافر کي ڪاهي ٽپي مسلمانن ڏانهن اچڻ جي همت نہ ٿي ۽ آخرڪار ڪافر شڪست کائي ونئي ڀڳا. اها لڙائي تاريخ ۾ خندق جي نالي سان مشهور ٿي ويئي. ان ڏينهن کان وٺي حضرت علي رضہ کي ”اسد الله“ (الله جو شينهن) جي لقب سان ياد ڪيو ويندو آهي.

ٻارن لاءِ دلچسپ ڪهاڻيون

• پيندو بادشاهہ	انجنيئر عبدالمالڪ
• گاموءَ جا گفتا	انجنيئر عبدالمالڪ
• ٽي ساڙيل	عبدالرحمٰن جتوئي
• دال جا دڙڪا	مخفي ميمڻ
• خدا جو دوست	امداد علي قادري
• هنيلا جن	عبدالرحمٰن جتوئي عبدالرحمٰن ميمڻ
• ٽي پتلا	ابراهيم سومرو
• جادوءَ جو ڏنڊو	عبدالجبار "عبد"
• سياڻو گدڙ	عبدالرحمٰن جتوئي
• مسٽر مور	انجنيئر عبدالمالڪ
• شهزادي	غلام محمد شهوائي / محمد صديق "مسافر"
• فيصلو	غلام محمد شهوائي / محمد صديق "مسافر"
• خوني	غلام محمد شهوائي / محمد صديق "مسافر"
• پراسرار حويلي	عبدالجبار "عبد"
• جيڪو پيءُ ڪي پڳ ٻڌائي عبدالغفار ڏڪڻ سومرو	

پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي
ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“
نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش
ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ،
ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي،
ڪاٺُو، ياجوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري
سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا
ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا
۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ
جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌَڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي
ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعویٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي تي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيههہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهه نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄ‌ڪلهہ جي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽلر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ "منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)